روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد ڇهون) سومر 10 اپريل 2023ع بمطابق 19 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 317

پيپلز پارٽي هميشه چونڊن لاءِ تيار آهي: شرجيل ميمڻ

مهانگائي جي ڏکار واري دور ۾ حڪومت 65 رپيا في ڪلو اٽو خريد ڪرڻ لاءِ في خاندان 2000 رپيا ڏئي رهي آهي

هن وقت تائين 29 لک 36 هزار 355 خاندان 2 هزار رپيا سبسڊي وٺي چڪا آهن، جيڪا رقم 5 ارب، 87 ڪروڙ، 27 لک ۽ 10 هزار رپيا رقم ادا ڪئي وئي آهي

اهڙا مستحق خاندان جن جي ماهوار آمدني 50 هزار رپين کان گهٽ آهي ۽ جيڪي اڃا تائين رجسٽرڊ نه ٿيا آهن اهي 8171 تي پنهنجو شناختي ڪارڊ موڪلي رجسٽريشن ۽ سهولت حاصل ڪري سگهن ٿا

پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي هدايت تي رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ اليڪٽرونڪ بسن جا 3 نوان روٽ شروع ڪيا پيا وڃن

پيپلز بس سروس 30 کان 40 ڪلوميٽرن جو سفر صرف 50 روپين ۾ ممڪن بڻائي رهي آهي، جيڪو موٽرسائيڪل جي خرچ کان به گهٽ آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ اڄ آرڪائيو ڪمپليڪس ڪلفٽن ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سڀ کان پهرين پاڪستان ۽ سڄي دنيا جي مسيحي برادري کي ايسٽر جون واڌايون ڏنيون آهن. پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ جي اطلاعات واري وزير چيو ته سنڌ ۾ ايسٽر جو ڏهاڙو آهي. مهانگائي جي ڏڪار واري دور ۾ حڪومت 65 رپيا في ڪلو اٽو خريد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: سنڌ سماءُ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

جيڪي چيف جسٽس جي احترام ۾ اُٿي بيهندا هئا اڄ سندس مخالفت ڪري رهيا آهن: چوڌري پرويز الاهي

لاهور (م ر) پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ پنجاب اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي چيو آهي ته عمران خان خلاف بي اعتمادي رٽ واري فيصلي ڪانپوءِ جسٽس عمر عطا بنديال جي حمايت ڪندڙ هاڻي سندس مخالف ٿي ويا آهن. جاري ڪيل بيان ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته عمران خان خلاف بي اعتمادي رٽ جو فيصلو چيف جسٽس عمر عطا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وفاقي ڪابينا جو اجلاس، پنجاب چونڊون، فنڊ پارليامينٽ جي منظوري سان مشروط

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٻن ڪلاڪن کان وڌيڪ جاري رهڻ ڪانپوءِ ختم ٿي ويو

وزيراعظم جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس وڊيو لنڪ تي ٿيو، جڏهن ته ڪابينا جي اڪثر ميمبرن به وڊيو لنڪ تي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ حڪومتي قانوني ٽيم به شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

وفاقي ڪابينا ملڪ جي سياسي ۽ معاشي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ صدر کي واپس سپريم ڪورٽ موڪلڻ تي به غور ويچار ڪيو ويو: ذريعا

وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ پنجاب اليڪشن لاءِ فنڊز جي منظوري نه ٿي سگهي، وفاقي ڪابينا پنجاب اليڪشن فنڊز جو معاملو قومي اسيمبلي ڏانهن موڪلڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

سپريم ڪورٽ ناڻي واري وزارت کي اليڪشن ڪميشن کي 21 ارب رپيا ڏيڻ جو حڪم ڏيندي اليڪشن ڪميشن کي 11 اپريل تائين رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٻن ڪلاڪن کان وڌيڪ جاري رهڻ ڪانپوءِ ختم ٿي ويو وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس وڊيو لنڪ تي ٿيو جڏهن ته ڪابينا جي اڪثر ميمبرن به وڊيو لنڪ تي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي، وزيراعظم هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ وفاقي وزير رياض پيرزاده، ساجد طوري، وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿي رهيو آهي

بزدل اهو آهي جيڪو ٻين کي ڍال بڻائي بستري هيٺ لڪي: مريم اورنگزيب

پرڏيهي لابي ڪمپنين جا غلام حقيقي آزادي لاءِ وڙهي رهيا آهن

عمران خان بزدل آهي جيڪو اقتدار خاطر پنهنجي ڌيءَ کي قبول نه ٿو ڪري

آزاديءَ جي جنگ وڙهندڙ پهريون بزدل اهو آهي جيڪو منهن تي بليڪ باڪس هڻي ٻاهر نڪري

بزدل اهو آهي جيڪو عورتن ۽ ٻارن کي ڍال بڻائي بستري هيٺان لڪي ٿو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سنڌ سماءُ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب عمران خان جي بيان تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته پرڏيهي لابي ڪمپنين جا غلام حقيقي آزادي لاءِ وڙهي رهيا آهن. بزدل اهو آهي جيڪو عورتن ۽ ٻارن کي ڍال بڻائي ٻاڻ کي بستري هيٺ لڪي وڃي ٿو. هڪ بيان ۾ سنڌ سماءُ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب عمران خان کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته هو بزدل آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: سنڌ سماءُ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

"هر شرط قبول، ڳالهيون ڪيون" عمران جون اسٽيبلشمينٽ ۽ آصف زرداري کي منٿون

اسلام آباد (م ر) نيشنل سيڪيورٽي ڪميٽي جي اجلاس ڪانپوءِ پڌرائي اچڻ شرط عمران خان ۽ پي ٽي آءِ قيادت ۾ مايوسي ۽ خوف جي لهر ڊوڙي وئي آهي. چيو ته اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته پرڏيهي مدد سان سوشل ميڊيا تي ادارن خلاف ناڪاري پروپيگنڊا ڪندڙن خلاف ڪارروائي شروع ڪئي ويندي. صورتحال جي سنگينيءَ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پي ٽي آءِ پنهنجي شرطن تي ڳالهيون ڪرڻ چاهي ٿي: ناصر شاهه

اسد قيصر چوي ٿو ته پهرين قومي اسيمبلي ٽوڙي ته پي ٽي آءِ چونڊ سڌارن جي ڳالهه ڪندي

جيڪڏهن قومي اسيمبلي ٽوڙي وئي ته عمران نيازي سڌارن جي منظوري ڪير ڏيندو؟

فواد چوڌري چوي ٿو ته حڪومت سان ڳالهيون تڏهن ٿينديون جڏهن اسٽيبلشمينٽ به گڏ ويهندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) بند گلي ۾ اچڻ ڪانپوءِ حڪومت سان پنهنجي شرطن تي ڳالهيون ڪرڻ چاهي ٿي. هڪ بيان ۾ سيد ناصر حسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

علي امين گنڊاپور هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

تحريڪ انصاف اڳواڻ علي امين گنڊاپور کي اسلام آباد ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو

ڊي آءِ خان پوليس علي امين گنڊاپور کي گڏيل ڏينهن اسلام آباد پوليس حوالي ڪيو هو

اسلام آباد (م ر) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد تحريڪ انصاف اڳواڻ علي امين گنڊاپور کي هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. تحريڪ انصاف اڳواڻ علي امين گنڊاپور کي اڄ اسلام آباد ڊسٽرڪٽ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

توشا خانا ڪيس ۾ عمران خان ذاتي حيثيت ۾ طلب

ايڊيشنل سيشن جج عمران خان کي 11 اپريل تي ذاتي حيثيت ۾ طلب

عمران خان عدالت ۾ پيش نه ٿيو ته سندس خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: عدالت

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد جي مقامي عدالت توشا خانا ڪيس ۾ عمران خان کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو آهي. ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: وزيراعظم جو ڪوآرڊينيٽر بلال اظهر ڪياني پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

رحيم يار خان: ڪچي ۾ آپريشن دوران ڌاڙيلن جي آءِ جي پنجاب تي فائرنگ، هيڊ ڪانسٽيبل زخمي

ڪچي جي علائقي ۾ پوليس چوڪيون مڪمل بحال آهن ۽ ڌاڙيلن خلاف انٽيليجنس بيسڊ آپريشن جاري

پنجاب مان 2 هزار جوانن تي ٻڌل نفري اماڻي وئي آهي، گڏيل طور تي 11 هزار جوان آپريشن ۾ حصو وٺي رهيا آهن: عثمان انور

اندروني علائقن ۾ اڳڀرائي ڪئي ويندي ڪچي جي علائقن مان ڌوهارين جي ٺڪاڻن جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو

رحيم يارخان (م ر) رحيم يار خان جي ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن دوران آءِ جي پنجاب ۽ ڊي پي او تي فائرنگ ڪئي وئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ هيڊ ڪانسٽيبل زخمي ٿي پيو رحيم يار خان ۾ ڪچي جي علائقي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

چيف جسٽس سُپريم ڪورٽ ۾ ججن جي ورهاست وارو تاثر ختم ڪرڻ لاءِ مشاورت شروع ڪري ڇڏي

سُپريم ڪورٽ جي ججن ۾ ورهاست جي خاتمي لاءِ چيف جسٽس عمر عطا بنديال ساٿي ججن سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪري رهيون آهي: ذريعا

چيف جسٽس ايندڙ هفتي جا بئنچز اختلافن وارو تاثر ختم ڪرڻ ۽ ججن ۾ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ جوڙيا آهن

چيف جسٽس چونڊن واري ڪيس ۾ اختلافي نوٽ لکڻ وارن ججن کي پنهنجي بئنچ ۾ شامل ڪري ورتو

اسلام آباد (م ر) چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال سُپريم ڪورٽ ۾ ججن جي ورهاست جي خاتمي لاءِ مشاورت شروع ڪري ڇڏي ۽ ان سلسلي ۾ هو ساٿي ججن سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪري رهيو آهي. ذريعن موجب سُپريم ڪورٽ جي ججن ۾ ورهاست جي خاتمي لاءِ چيف جسٽس عمر عطا بنديال ساٿي ججن سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪري رهيون آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته چيف جسٽس ايندڙ هفتي جا بئنچز اختلافن وارو تاثر ختم ڪرڻ ۽ ججن ۾ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ جوڙيا آهن. چيف جسٽس چونڊن واري ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

قبيلائي جهيڙن ۾ سنڌ جو نقصان ٿي رهيو آهي: صنعان قريشي

سنڌ جو وجود خطري ۾ آهي، سومرا تڪرار ختم ڪري سنڌ بچائڻ لاءِ متحد ٿيڻو پوندو

پروفيسر جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

ڪنڊڪوٽ /حيدرآباد (رپورٽرز) قبيلائي جهيڙن ۾ سنڌ جو نقصان ٿي رهيو آهي، سنڌ جو وجود خطري ۾ آهي. سومرا تڪرار ختم ڪري سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: چيئرمين پاڪستان علماءَ ڪائونسل حافظ محمد طاهر محمود اشرفي پريس ڪانفرنس ڪندي

هن صوبن ۾ چونڊون مذاق هونديون، فل ڪورٽ هر جمهوريت پسند جو مطالبو آهي: سراج الحق

جسٽس اطهر من الله جي نوٽ کان پوءِ چيف جسٽس جي اخلاقي پوزيشن ڪمزور ٿي وئي

فل ڪورٽ جو مطالبو صرف پي ڊي ايم ناهي، هر جمهوريت پسند جو اهو ساڳيو مطالبو آهي

صرف ٻن صوبن ۾ چونڊون مذاق هونديون ان سان افراتفري پکڙجندي: نجي چئنل سان ڳالهيون

ڪراچي (م ر) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي ته صرف ٻن صوبن ۾ چونڊون مذاق هونديون. فل ڪورٽ هر جمهوريت پسند جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

جماعت اسلامي جو امير سراج الحق (فائيل فوٽو)

پ پ چيف جسٽس سان ويڙهه جو انتهائي قدم نٿي چاهي: قمر الزمان ڪائره

پيپلز پارٽي رڳو چيف جسٽس کي فل ڪورٽ ٺاهڻ چاهي ٿي

حڪومت ججن خلاف ريفرنس داخل ڪرڻ لاءِ سرڪاري سطح تي پيپلز پارٽي سان ڳالهه ٻولهه ناهي ڪئي

پيپلزپارٽي پي ٽي آءِ کان ڊيڊ لاڪ نه پر ڳالهيون چاهي ٿي: پ پ اڳواڻ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ قمر زمان ڪائره جو چوڻ آهي ته پيپلز پارٽي چيف جسٽس کي منهن ڏيڻ لاءِ انتهائي قدم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پ پ اڳواڻ قمر الزمان ڪائره (فائيل فوٽو)

ڪڻڪ جي اگهن ۾ واڌ ۽ افغانستان اسمگلنگ جي جاچ شروع

هنيئر تائين چار لک ٽن ڪڻڪ افغانستان اسمگل ٿي چُڪي آهي: ذريعا

اسمگلنگ ۾ ملوث جوابدارن مل مالڪن ۽ ڊيلرن جو پتو لڳايو ويندو

لاهور (م ر) پنجاب ۾ ڪڻڪ جي اگهن ۾ واڌ ۽ ڪڻڪ جي افغانستان اسمگلنگ جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب هنيئر تائين چار لک /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ڪڻڪ جي قيمت ۾ واڌ جو سلسلو جاري

فيصل آباد ۾ هڪ ڪلو ڪڻڪ 40 روپين جي واڌ کان پوءِ 130 کان 135 روپين جي ٿي وئي

ڪراچي جي هول سيل مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ 120 روپيه جڏهن ته ريٽيل ۾ 130 روپيه في ڪلو تائين پهچي چڪي

اسلام آباد (م ر) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ڪڻڪ جي قيمت ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي. فيصل آباد ۾ هڪ ڪلو ڪڻڪ 40 روپين جي واڌ کان پوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سنڌ فوڊ اٿارٽي پاران 15 مئي کان مختلف برانڊز جي رجسٽريشن شروع ڪرڻ جو فيصلو

سنڌ فوڊ اٿارٽي ۾ رجسٽر نه ڪرائيندڙ انهن خلاف سنڌ فوڊ اٿارٽي ايڪٽ 2016 تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: آغا فخر حسين

سنڌ فوڊ اٿارٽي سنڌ فيڊرل فوڊ اٿارٽي سان گڏجي مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندي

کاڌ خوراڪ جي شين ۾ ملاوٽ يا غير معياري کاڌ خوراڪ وڪرو ڪندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين چيو آهي ته سنڌ فوڊ اٿارٽي سنڌ جي خوراڪ واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي ويزن موجب 15 مئي کان سمورن پيڪڊ آئٽمز جي فوڊ پروڊڪٽس / برانڊز جي رجسٽريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين پاڪستان اسٽينڊرڊ ڪوالٽي ڪنٽرول اٿارٽي هيڊ ڪوارٽر جي دوري دوران بيٺل آهي

هايون شريف پرسان 3 ڄڻن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، مقابلي بعد ڌاڙيل فرار

شڪارپور/هايون شريف (نمائندن وٽان) هايون شريف پرسان ٽن ڄڻن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، مقابلي بعد ڌاڙيل فرار ٿي ويا. سومرا واهي وٽان موٽرسائيڪل سوار 3 ڄڻا خان محمد، رحيم بخش ۽ سائين بخش بکرائي اغوا ٿي وياهٿيار بند مغوين کي ڪٺي وڃي رهيا هئا ته پوليس پهچي وئي، ڌوهارين سان مقابلو ٿيو. مقابلي دوران ڌاڙيلن اغوا ڪيل ٽنهي ڄڻن کي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

وڏا سپلائر چون ٿا ته گئس موجود آهي، ڏئي سگهون ٿا: گورنر سنڌ

اهو سچ آهي ته شهر ۾ ڪير به ڪجهه نه پيو ڪري: ڪامران ٽيسوري

مان چاهيان ٿو ته هن صوبي ۽ شهر جي عوام جو ڪاروبار هلي

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري گيس جي جاري هيلڊ لوڊشيڊنگ جي حوالي سان چيو ته وڏا سپلائر چئي رهيا آهن ته گئس موجود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ملڪ ۾ جهنگ جو قانون ڪنهن به شهري جي جان، مال ۽ عزت محفوظ ڪونهي: محمد حسين محنتي

سُپريم ڪورٽ جي ججن ۾ تقسيم افسوسناڪ عمل، ادارن جو ٽڪراءُ ملڪ ۽ قوم جي مفاد ۾ ڪونه آهي

ڊاڪٽر بيربل مينگهواڙ، پروفيسر اجمل ساوند جو بيدردي سان قتل حڪومتي ناڪامي جو چٽو ثبوت آهي

مُفت اٽي جي نالي تي عوام جي تذليل ۽ لائنن ۾ موت جي ورهاست ٿي رهي آهي: افطار پارٽي کي خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي ججن ۾ تقسيم افسوسناڪ عمل، ادارن جو ٽڪراءُ ملڪ ۽ قوم جي مفاد ۾ ڪونه آهي. ملڪ ۾ جهنگ جو قانون ڪنهن به شهري جي جان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

خان جي زوال جو سبب سندس 4 ناڻي جا وزير هئا: بلال اظهر ڪياني

پي ٽي آءِ وارا معيشت بابت ڪوڙو پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن

عمران خان چوندو هو ته آءِ ايم ايف وٽ وڃڻ کان اڳ خودڪشي ڪندس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف جي ڪوآرڊينيٽر اقتصاديات ۽ توانائي بلال اظهر ڪياني چيو آهي ته پي ٽي آءِ وارا معيشت بابت ڪوڙو پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن. عمران خان 4 سالن ۾ معيشت کي ڪمزور ڪيو. خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاڙڪاڻي ۾ گم ٿيل معصوم نينگري کي پيءُ پاران درياءَ ۾ لوڙهڻ جو انڪشاف

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ گم ٿيل معصوم نينگري کي پيءُ پاران درياءَ ۾ لوڙهڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. لاڙڪاڻي مان 12 آڪٽوبر تي گم ٿيل معصوم نينگري کي سندس پيءُ پاران درياءَ ۾ لوڙهڻ جو انڪشاف ٿيو آهي الله آباد واسي 8 ورهين جي ٽويلا کهاڙ گذريل سال 12 آڪٽوبر تي گم ٿي ويو هو. وارثن جي احتجاج وارين خبرن جو سنڌ هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: جماعت اسلامي سنڌ جو امير محمد حسين محنتي افطار پارٽي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ايبٽ آباد: وفاقي وزير مرتضيٰ جاويد عباسي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

مليرَ: اسٽيل ٽائون ۾ تيل چوري ڪرڻ لاءِ 80 فوٽ ڊگهي سرنگهه کوٽڻ جو انڪشاف

جوابدار سرنگهه کوٽڻ بعد پارڪو جي پائيپ لائين ۾ نوزل هڻي تيل چوري ڪندا هئا: پوليس

جوابدار وهاب، محبوب ۽ عبدالشڪور تي ڪيس داخل ڪيو ويو ڪو به جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو

ڪراچي (م ر) ملير جي اسٽيل ٽائون ۾ پارڪو جي پائيپ لائين مان تيل چوري ڪرڻ لاءِ 80 فوٽ ڊگهي سرنگهه کوٽڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. ان سلسلي ۾ پوليس ٽن جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو آهي اسٽيل ٽائون ٿاڻي جي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

لاهور: خانگي سوسائٽي جي گهر مان ماءُ ۽ پٽ جا لاش هٿ

عورت ۽ سندس پٽ جا لاش 3 کان 4 ڏينهن پراڻا آهن: پوليس

لاهور جي علائقي سندر ۾ گهر مان ماءُ ۽ پٽ جا لاش هٿ آيا

لاهور (م ر) لاهور جي علائقي سندر ۾ گهر مان ماءُ ۽ پٽ جا لاش هٿ آيا آهن پوليس موجب ٻنهي جا لاش نجي سوسائٽي جي گهر مان مليا آهن ان حوالي سان پوليس جو چوڻ آهي ته عورت ۽ سندس پٽ جا لاش 3 کان 4 ڏينهن پراڻا آهن. جن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سپريم ڪورٽ بار ايگزيڪٽو ڪميٽي جي 17 مان 10 ميمبرن صدر جي بيان تي ڳڻتي ظاهر ڪري ڇڏي

سپريم ڪورٽ بار جي صدر ۽ سيڪريٽري جي بيان تي اعتماد ۾ ناهي ورتو ويو: ميمبرز

صدر ۽ سيڪريٽري بار جي بيان ۾ ججن وچ ۾ فيصلن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

اسلام آباد (م ر) سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئشن جي ايگزيڪٽو ڪميٽي جي 10 ميمبرن گڏيل بيان جاري ڪري ڇڏيو آهي. بيان سپريم ڪورٽ بار ايگزيڪٽو ڪميٽي ميمبرن يوسف مغل، عدنان اعجاز شيخ، عبدالمالڪ بلوچ، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اتر ۽ ڏکڻ وزيرستان ۾ پاڪ فوج جي ڪارروائي، ٻه دهشتگرد مارجي ويا، هڪ جوان شهيد

رزمڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو

سيڪيورٽي فورسز جي اثرائتي طريقي سان دهشتگردن جي ٺڪاڻي کي نشانو بڻايو مارجي ويل دهشتگرد وٽان وڏي انگ ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ ڪيو ويو

ڏکڻ وزيرستان جي ضلعي ڪرام ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي: آءِ ايس پي آر

ڪوئيٽا (م ر) اتر ۽ ڏکڻ وزيرستان ۾ پاڪ فوج جي ڪارروائي، ٻه دهشتگرد مارجي ويا، هڪ جوان شهيدراولپنڊي (ويب ڊيسڪ) سيڪيورٽي فورسز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

شهيد اجمل ساوند جي قاتلن کي پوتارن جي حمايت، سرداري نظام خلاف سنڌ سراپا احتجاج

ضلعي پوليس ٽئين ڏينهن به ڪنڌڪوٽ جي مختلف ڳوٺن تي چڙهايون ڪري ڌوهارين جا گهر ڊاهي ڇڏيا

جيستائين اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيندي، تيستائين چڙهايون جاري رهنديون: ايس ايس پي عرفان سمون

سول سوسائٽي پاران پروفيسر اجمل ساوند جي تصوير اڳيان ميڻ بتي ٻاري گل نڇاور ڪري پيٽا پيش ڪئي وئي

ڪراچي/حيدرآباد/سکر (نمائندن وٽان) شهيد پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪشمور ضلعي پوليس ٽئين ڏينهن به ڪنڌڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پروفيسر اجمل ساوند جي قتل خلاف مظاهرا ڪيا پيا وڃن

تيونس: مهاجرن جي ٻيڙي ٻڏي وڃڻ سبب 23 ڄڻا گم ٿي ويا

گذريل ٻن ڏينهن دوران مهاجرن جي ٻيڙي ٻڏڻ جا 2 واقعا پيش آيا

ٻيڙي ٻڏڻ جي نتيجي ۾ 4 لاش ۽ ٻيڙي ۾ سوار 36 مهاجرن کي ساحل مان ڪڍيو ويو

تيونس (م ر) تيونس تيونس ۾ مهاجرن جي ٻيڙي ٻڏڻ سبب 23 ڄڻا گم ٿي ويا برطانوي خبررساڻ اداري موجب تيونس جي ساحل تي گذريل ٻن ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ايران جو پردو نه ڪندڙ عورتن جي سڃاڻپ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جي مدد وٺڻ جو فيصلو

ڪراچي (م ر) ايران جو پردو نه ڪندڙ عورتن جي سڃاڻپ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جي مدد وٺڻ جو فيصلو ايندڙ هفتي کان بي حجاب عورتن جي نگراني لاءِ سمارٽ اوزار ۽ ڪيمرا استعمال ڪيا ويندا. ايراني پوليس چيف جو چوڻ آهي ته عوامي هنڌن تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ناصر حسين شاهه پاران مسيحي برادري کي ايسٽر جي موقعي تي مبارڪباد

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه مسيحي برادري کي ايسٽر جي موقعي تي مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته پاڪستان جي ترقي ۾ مسيحي برادري جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي. هن چيو ته حڪومت تعليم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سعودي عرب ۽ حوثي جنگبندي تي متفق

يمن ۾ جنگ بندي ۽ امن لاءِ عمان جي ثالثي ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون

سعودي عرب ۽ حوثي باغين وچ ۾ 6 مهينن جي جنگ بندي تي اتفاق ٿي ويو

رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) يمن ۾ جنگ بندي ۽ امن لاءِ عمان جي ثالثي ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون. ڌرين جنگ بندي تي اتفاق ڪيو يمن جي سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي ۾ ايس ٽي پي پاران گڏاپ جي لاسي ڳوٺ ۾ منشيات جي آزار خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن پاران پوليس جي سرپرستي ۾ هلندڙ منشيات چوري ۽ ڦورن خلاف ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

فرض شناس آفيسر مقرر ڪري شريف شهرين ڪي جان ۽ مال جو تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مظاهرين جو مطالبو

ايس ايڇ او ۽ چوڪي انچارج پاڻ چورين ڦرين سميت منشيات فروشن جي سرپرستي ڪري رهيا آهن: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) ايس ٽي پي ڪراچي ڊويزن پاران ڪراچي ڊويزن جي آرگنائيزر رجب مگسي جي اڳواڻي ۾ گڏاپ جي لاسي ڳوٺ سميت سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ پوليس جي سرپرستي ۾ هلندڙ منشيات چوري ۽ ڦورن خلاف ريلي ڪڍي هٿن ۾ بينر ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي :ايس ٽي پي پاران گڏاپ جي لاسي ڳوٺ ۾ منشيات جي آزار خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سهراب ڳوٺ پوليس پاران چوري ٿيل چانورن جي ٽرڪ هٿ ڪري ورتي

چوري ٿيل 6 سو چانورن جا ڪٽا برآمد ڪيا ويا ڏيتي ليتي بعد معاملو ختم

هٿ ڪيل چانورن جي ڪٽن جي قيمت هڪ ڪروڙ 35 لک روپيا ٻڌائي پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سهراب ڳوٺ پوليس پاران چوري ٿيل چانورن جي ٽرڪ هٿ ڪري ورتي ڳري رشوت بعد معاملو ختم خبر موجب سهراب ڳوٺ پوليس ٿاڻي جي حد ۾ وڏي ڪاروائي چوري ٿيل 6 سو چانورن جا ڪٽا برآمد ڏيتي ليتي بعد معاملو ختم چانورن جي گودام جي مالڪ کان ڳري رشوت بعد بغير عدالتي ڪاروائي جي مالڪ کي آزاد چانورن جي ڪٽن جي قيمت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

مانجهند جي ۾ آپريشن دوران مبينا غفلت سبب فوت ٿيل سماجي اڳواڻ واري واقعي خلاف احتجاج

شهرين پاران فوت ٿيل سماج سڌارڪ ديدار حسين ميمڻ جي انصاف لاءِ مانجهند ۾ شٽربند هڙتال ڪئي وئي

حاجي سليم ميمڻ فقير اعجاز ميمڻ يوسف عمراڻي محمد صالح ميمڻ گوتم چنا حقنواز ۽ ٻين پاران شرڪت

ڊاڪٽر کي فوري طور گرفتار ڪري ڪوس ڪهر سينٽر سيل ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو: اڳواڻ

مانجهند (رپورٽر/مهران عمراڻي) حيدرآباد جي اسپتال ۾ 5 ڏينهن اڳ آپريشن دوران مبينا غفلت سبب فوت ٿيل سماج سڌارڪ ديدار حسين ميمڻ جي انصاف لاءِ مانجهند ۽ شهرين طرفان 5 ڏينهن اڳ حيدرآباد جي هاشمي ميڊيڪل سينٽر ۾ آپريشن دوران مبينا ڊاڪٽر خلاف [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سامارو روڊ ۾ جاري ڪرڪيٽ

ٽورنامينٽ جا زبردست مقابلا هلندڙ

شهرين پاران شرڪت

سامارو (رپورٽر) سامارو روڊ ۾ جاري ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جا زبردست مقابلا جاري آهن پهرين ميچ الحسني ۽ اليون وولف جي وچ ۾ ڪيڏيو ويو جنهن ۾ الحسني ٽاس کٽي پهرين بيٽنگ جو فيصلو ڪيو [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مانجهند: آپريشن دوران مبينا غفلت سبب فوت ٿيل سماجي اڳواڻ واري واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز ۾ سول سوسائٽي ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل ۽ وڏيرا نظام خلاف احتجاج

نيشنل پريس ڪلب آڏو شهيد پروفيسر اجمل ساوند جي تصوير آڏو ڏيا ٻاري احتجاج ڪيو ويو

عمير ميمڻ، اياز لطيف، امير علي راڄپر، ماهنور شيخ، ذوالفقار راڄپر، افضل علي منگي شريڪ ٿيا

عبرتناڪ سزا ڏني وڃي ته جيئن نوجوانن کي اميد ملي سگهي نه ته نوجوان ملڪ ڇڏي ويندا: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سول سوسائٽي نوشهروفيروز پاران پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل ۽ وڏيرا نظام خلاف نيشنل پريس ڪلب آڏو شهيد پروفيسر اجمل ساوند جي تصوير آڏو ڏيا ٻاري احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندي عمير ميمڻ، اياز لطيف، امير علي راڄپر، ماهنور شيخ، ذوالفقار راڄپر، افضل علي منگي، شير علي مشوري، ياسر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ننگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو جي دستوري گڏجاڻي، بهتري لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا

پريس ڪلب پاران رکي ويندڙ ڪنهن به ميٽنگ ۾ شرڪت نه ڪندڙن جي ميمبر شپ ختم

پريس ڪلب جي آئين ۾ بهتري لاءِ آئين ۾ ترميم ڪرڻ لاءِ ٽي رڪني ڪميٽي پڻ ٺاهي وئي

جنرل سيڪريٽري پيرل پياسي. فنانس سيڪريٽري جاويد لطيف ميمڻ. سوشل سيڪريٽري شريڪ

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ننگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو جي دستوري گڏجاڻي ننگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو جي صدر ممتاز سميجو جي صدارت هيٺ ٿي گذريي اجلاس ۾ پريس ڪلب جي بهتري لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا گڏجاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪنڊيارو ۾ اجمل ساوند جي بي

رحماڻي قتل خلاف ايس ٽي پي

ڪارڪنن جو احتجاج

ڪنڊيارو (رپورٽر) پروفيسر اجمل ساوند جي بي رحماڻي قتل خلاف ايس ٽي پي ڪارڪنن جو احتجاج، مقتول پروفيسر جا قاتل گرفتار ڪري خون سان انصاف جو مطالبو خبر موجب ڪنڊيارو ۾ ايس ٽي پي ڪارڪنن پاران پروفيسر اجمل ساوند جي قتل خلاف ذوالفقار ملاح انيس سهتو امداد ڪليري فرمان علي ۽ ٻين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽو : ننگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو جي دستوري گڏجاڻي ۾ اڳواڻ ويٺل آهن

شهيد بينظير ڀٽو لائبريري سچل ڳوٺ ۾ ايس يو پي پاران سنڌ مارچ جي پانڌيئڙن جي مان ۾ آجياڻو

سنڌ مارچ جي پانڌيئڙن ۽ اڳواڻن جي مان ۾ آجياڻو ۽ افطار پارٽي سچل ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائي وئي

مرڪزي سينئر نائب صدر روشن علي ٻرڙو، نائب صدر جڳديش آهوجا، امير حسن پنهور ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

مخدوم شمس، فتح محمد خاصخيلي، اختر دايو، پي ٽي آئي اڳواڻ آفتاب ڳوپانگ. عنايت ڪتياڻ شريڪ ٿيا

ڪراچي (رپورٽر)ڪراچي شهيد بينظير ڀٽو لائبريري سچل ڳوٺ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلع اوير ڪراچي پاران سنڌ مارچ جي پانڌيئڙن ۽ اڳواڻن جي مان ۾ آجياڻو ۽ افطار پارٽي سچل ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سينئر نائب صدر روشن علي ٻرڙو، نائب صدر جڳديش آهوجا، امير حسن پنهور، مصطفي چانڊيو، منير نائچ، منير مگسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪراچي: شهيد بينظير ڀٽو لائبريري سچل ڳوٺ ۾ ايس يو پي پاران سنڌ مارچ جي پانڌيئڙن ۽ اڳواڻن جي مان ۾ آجياڻو ۽ افطار پارٽي سچل ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائي وئي

چوهڙ جمالي جي رورل هيلٿ سينٽر ملازمن جو 9 مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

رورل هيلٿ سينٽر جي رينڊر بيس ملازمن ڊاڪٽر اقبال ، وسيم ميمڻ جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

اسان سروس رينڊرڊ بيس ملازمن کي گذريل 9 مهينن کان پگهارون نه مليون آهن: مظاهرين جون دانهون

سجاول ضلعي جي باقي ٻين سيني اسپتالن جي ملازمن کي پگهارون ملي چڪيون آهن، نوٽيس ورتو وڃي

چوهڙجمالي (رپورٽر) رورل هيلٿ سينٽر چوهڙجمالي جي سروس رينڊر بيس ملازمن جو 9 مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج رهيل پگهارون ڏيڻ جو مطالبو چوهڙجمالي رورل هيلٿ سينٽر جي رينڊر بيس ملازمن ڊاڪٽر اقبال ، وسيم ميمڻ، اڪرم شاهه نائوسسيو ، شڪيل ڪنير ياسر شاهه ۽ ٻين چوهڙ جمالي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان سروس رينڊرڊ بيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سرحد باءِ پاس تي روڊ حادثو،ميرپور ماٿيلو واسي ڪار ڊرائيور ٽڏي تي فوت

صاحب عرف ڪاشف ڇڄڻ کان ڪار ڪنٽرول مان نڪري لنڊي واهه ڪري پئي

پوليس هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو لاش ڪڻائي گهوٽڪي اسپتال منتقل ڪيو

سرحد (رپورٽر) سرحد بائي پاس تي روڊ حادثو،ميرپور ماٿيلو واسي ڪار ڊرائيور 42 سالا نوجوان ويدا ملازم صاحب عرف ڪاشف ڇڄڻ کان ڪار ڪنٽرول مان نڪري لنڊي واهه ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان ٽڏي تي فوت ٿي ويو،خبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سنڌ آبادگار فورم جي چيئرمين صحافين ۽ شهرين جي مان ۾ افطار پارٽي

گڏجاڻي ۾ بچت بازار جي وڌائڻ ۽ آئيندا جي فلاحي ڪمن جي لاءِ صلاح مشورا ورتا

صحافي جي اير جوکيو، عبدالحميد چانڊيو ۽ ٻين خطاب ڪيو ۽ تجويزون پيش ڪيون

گهارو (بشام جوکيو) سنڌ آبادگار فورم جي چيئرمين ڊاڪٽر افضل آرائين صحافين ۽ شهرين جي مان ۾ افطار پارٽي ڪئي ۽ هڪ مشاورتي نشست ڪئي جنهن ۾ بچت بازار جي وڌائڻ ۽ آئيندا جي فلاحي ڪمن جي لاءِ صلاح مشورا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گهارو : سنڌ آبادگار فورم جي چيئرمين صحافين ۽ شهرين جي مان ۾ افطار پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو

سجاول ۾ ديوان ڪميونيٽي سجاول جي چونڊ، ڊاڪٽر هوت چند صدر چونڊجي ويو

سماجي ڪمن ۾ اڳيرو ڊاڪٽر هوتچند کي سجاول هندو ڪميونٽي جو صدر چونڊيو ويو

چنديرا ايسرداس نائب صدر، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر راج ڪمار ۽ ٻين کي چونڊيو ويو آهي

سجاول(ڊ ر) سجاول ۾ ديوان ڪميونيٽي سجاول جي چونڊ ٿي جنهن ۾ ڊاڪٽر هوت چند صدر چونڊجي ويو سجاول ۾ هندوپنچائت سجاول پاران ٿي پاڙي جي چونڊ ٿي گڏي جنهن ۾ [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09



ڪراچي گلشن اقبال جي سماجي اڳواڻ علي محمد پتوجي پٺاڻ لاڏاڻو ڪري ويا

سماجي اڳواڻ نذير احمد پتوجي وڏي ڀاءُ ڪافي عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويا

سياسي سماجي ماڻهن طرفان سرائي نذير احمد پتوجي ۽ خير محمد پتو سان تعزيت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي گلشن اقبال جي سماجي اڳواڻ علي محمد پتوجي پٺاڻ [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪراچي : گلشن اقبال جي سماجي اڳواڻ علي محمد پتوجي پٺات لاڏاڻي تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي

مڙهو بولا خان ٿاڻي جي حد ۾ چور ياڳين کي رتورت ڪري فرار ٿي ويا، احتجاجي مظاهرو

موٽر سائيڪل چوري ڪري پيتي ٽوڙي پئسا ۽ زيور چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي :مظاهرين

ابراهيم شاهه , مصري شاهه سميت ٻن عورتن مسمات امام زادي ۽ زرينه کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي

چوهڙ جمالي (رپورٽر) مڙهو بولا خان ٿاڻي جي حد ۾ چور ياڳين کي رتورت ڪري فرار ٿي ويا مڙهو بولا خان واسي سيد خاندان جو چورن خلاف احتجاج انصاف ڪرڻ جو مطالبو. جاتي تعلقي جي يوسي مڙهو بولا خان جي درگاهه پير علي جي رهواسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

تحريڪ انصاف ٺٽي جي اڳوڻي نائب صدر جي فرزند پاران مختلف ڳوٺن جو دورو

پي ايس 78 تي ٽڪيٽ هولڊر ميڊم زيب النسا جلباڻي جي فرزند آصف راڄڙ دورو ڪيو

يوسي ٻاهڙا جي 500 خاندانن ۾ 10 ڪلو اٽو سميت ڪاڌي پيتي جون مختلف سامان ورهايو

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي اڳوڻي نائب صدر ۽ 2018 ع جي عام چونڊن ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان ضلعي ٺٽي جي صوبائي اسيمبلي جي تڪ پي ايس 78 تي ٽڪيٽ هولڊر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽو: تحريڪ انصاف جي اڳوڻي نائب صدر جي فرزند پاران مختلف ڳوٺن جو دورو ڪندي

پريا روڊ وارڊ نمبر 2 ۾ بجلي جي پول تان ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت

محمد علي سولنگي ڪيبل جي تار هٽنڌي اوچتو ڪرنٽ لڳڻ هيٺ ڪري فوت ٿي ويو

نوجوان جي فوت ٿيڻ جي خبر شهر اندر باهه جيان پکڙجي وئي سوين شهري اسپتال پهچي ويا

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پريا روڊ وارڊ نمبر 2 ۾ بجلي جي پول تان ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت ڪيبل آپريٽر محمد علي سولنگي بجلي جي پول تان ڪيبل جي تار هٽنڌي اوچتو ڪرنٽ لڳڻ سبب پول تان ڪري پيو جيڪو دماغ ۾ ڌڪ لڳڻ سبب موقعي تي فوت ٿي ويو نوجوان کي شهرين فوري طور ڪڻائي اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي اهڙي اطلاع تي نوجوان جي فوت ٿين جي خبر شهر اندر باهه جيان پکڙجي وئي سوين شهري اسپتال پهچي ويا اطلاع تي فوتي نوجوان جا وارث اسپتال پهچي ويا نوجوان جي وني ۽ گهر ڀاتين کي بيهوشي جا دورا اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊو غلام حيدر ۾ پ پ اڳواڻ هدايت الله خان چانگ جي ڪاوشن سان ترقياتي ڪم شروع

مختلف يونين ڪائونسلن سميت ڳوٺن ۾ پيور بلاڪ جون ڪافي اسڪيمون شروع ٿي ويون آهن

جمعون خان چانگ ڪان جعفر چانگ لقمان سهتو گل محمد اعوان يوسي نصير خان چانگ ۾ ڪم شروع

ٽنڊو غلام حيدر (ميرحسن رند) پ پ اڳواڻ هدايت الله خان چانگ جي ڪاوشن سان تعلقي جي يوسيز ۾ ڪروڙن جي لاڳت سان ترقياتي ڪم ۽ نالين جي ڪرتائي جو ڪم شروع ڳوٺاڻن ۾ خوشي جي لهر ٽنڊو غلام حيدر وفاقي وزير تجارت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊو غلام حيدر : پ پ اڳواڻ هدايت الله خان چانگ جي ڪاوشن سان ترقياتي ڪم شروع ڪري ڇڏيو

سنڌ ترقي پسند پارٽي ڪراچي ڊويزن پاران اجمل ساوند جي بي گناهه قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

حڪومتي خاموشي ۽ قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف لاسي ڳوٺ جي مين بازار کان ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

رجب علي مگسي فواداحمد لنڊ ,منتار ٻگهيو,حاجي ممتازعلي رند بشير چانڊيو, عاشق مگسي پاران شرڪت

اجمل ساوند جي قتل ۾ ملوث ماڻهن کي فورن گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏني وڃي نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي ڪراچي ڊويزن پاران پروفيسر شهيد اجمل ساوند جي بي گناهه قتل تي حڪومتي خاموشي ۽ قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف لاسي ڳوٺ جي مين بازار کان ريلي ڪڍي پٽائي چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪراچي : سنڌ ترقي پسند پارٽي ڪراچي ڊويزن پاران اجمل ساوند جي بي گناهه قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪينجهر ڍنڍ ڪناري دولپور مياڻ جي ڳوٺ فقير محمد هاشم منڇري ملاح ۾ 2 گهر سڙي ويا

فقير محمد هاشم منڇري ملاح ۽ سندس ڀاءُ جان محمد ولد فقير محمد هاشم جا گهر سڙي ويا

متاثرين ڪليل آسمان هيٺ بي يارو مدد گار ويٺل آهن، پر اجان تائين ڪنهن به سار ناهي لڌي

ٺٽو(ڊ) ڪينجهر ڍنڍ ڪناري دولپور مياڻ جي ڳوٺ فقير محمد هاشم منڇري ملاح ۾ اوچتو باهه لڳڻ نتيجي ۾ ٻن سڳن ڀائرن خير محمد ولد فقير محمد هاشم منڇري ملاح ۽ سندس ڀاءُ جان محمد ولد فقير محمد هاشم منڇري جا گهر ۽ گهرن ۾ رکيل هنڌ بسترا، اناج، ٿانو، نياڻين جا ڪپڙا، زيور، سيمنٽ جي رکيل 13 بورين سميت سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو. گهر ڀاتي رڳو جانيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

مڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن جو نائب صدر ڊاڪٽر ممتاز علي بلوچ سان سرهي سانجهه

ناليواري سماجي اڳواڻ انسان دوست شخصيت مڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن اڳواڻ سان تقريب

عبدالجبار چانڊيو پروفيسر تاج الدين ٻرڙو سچل وڏيو نور ڀائي ارفان ڀائي ڊاڪٽر جميل شيخ شريڪ

ممتاز علي بلوچ پنهنجي حصي جو ڪم ڪندو رهي ٿو انسان سيني کي ڊاڪٽر ممتاز ٽيٽو پوندو: ساجهه وند

ڪراچي (رپورٽر: باغي ساگر پنهوار) ناليواري سماجي اڳواڻ انسان دوست شخصيت مڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن جو نائب صدر ڊاڪٽر ممتاز علي بلوچ سان سرهي سانجهه [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

منشيات بابت امين ۽ غريبن سان

هڪ جهڙو چو نئو قانون لاڳو

ڪيو وڃي: شهري

جاتي (رپورٽر) ايس ٽي پي سجاول سيد امداد علي شاهه [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي: مڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن جو نائب صدر ڊاڪٽر ممتاز علي بلوچ سان تقريب ۾ اڳواڻ آهن

چيف سيڪريٽري سنڌ جي هدايتن تي ڊي سي دادو ۾ اي سي پاران رمضان بچت بازار جو دورو

اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ڊاڪٽر شاهنوازميراڻي ۽ مختيارڪار دادو ذوالفقارعلي پنهور دورو ڪيو

رمضان المبارڪ جو پهريون مهينو نيڪين وارو مهينو آهي انهي لاءِ سمورا واپاري سهڪار ڪن: اي سي

منافعي خوري کي روڪڻ لاءِ روزاني جي بنياد تي روينيو آفيسرن کي ڪاروائين لاءِ پابند بڻايو ويو آهي

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ ڊپٽي ڪمشنر دادو جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ڊاڪٽر شاهنوازميراڻي ۽ مختيارڪار دادو ذوالفقارعلي پنهور پنهنجي عملي سان گڏجي نيوٽوڪ , سيد جڙيل شاهه مارڪيٽ ۽ رمضان بچت بازار جو دورو ڪري اگهه چيڪ ڪيا ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر دادو چيو ته رمضان المبارڪ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سنڌ ترقي پسند پارٽي نوشهروفيروز پاران ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

نوٽيس وٺي پروفيسر اجمل ساوند جا قاتلن جي گرفتاري ڪري سخت سزا ڏني وڃي: مظاهرين جو مطالبو

ڊاڪٽر اجمل ساوند هڪ بهترين استاد هيو علم جي دنيا ۾ هڪ وڏو ريسرچ هيو، سندس قتل سازش آهي

قتل ڊاڪٽر اجمل سميت اديب، دانشور، سنڌي شعور جو قتل آهي، معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي نوشهروفيروز پاران پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل ۽ وڏيراشاهي نظام خلاف نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو شهيد پروفيسر اجمل ساوند جا قاتلن جي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ايس ٽي پي مرڪز پاران پروفيسر

اجمل ساوند جي بيرحمانه قتل

خلاف مٺي ۾ مظاهرو

مٺي (رپورٽر) ايس ٽي پي مرڪز پاران پروفيسر اجمل ساوند جي بيرحمانه قتل خلاف ڏنل احتجاج جي سڏ جي موٽ ۾ ايس ٽي پي مٺي چيلهار پاران ضلعي اڳواڻ گهنشام مالهي مشتاق قاسماڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا مظاهري ۾ ايس ٽي پي ڪارڪنن کان سواءِ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز: سنڌ ترقي پسند پارٽي نوشهروفيروز پاران ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل خلاف احتجاج ڪيو ويو

ميڊيا سينٽر جهڏو تي روشني پبليڪيسن پاران لڳايل گشتي ڪتاب گهر ميلو جاري

ڪتابي ميلي ۾ گذريل ٻن ڏينهن دوران پنجونجاهه هزار رپين جا ڪتاب وڪرو ٿيا: منتظمين

وڪيلن، قوم پرستن، استادن، صحافين توڙي سول سوسائٽي جي ماڻهن پاران شرڪت ڪئي وئي

در محمد شالماڻي، اقبال جت، مير عبدالغفور، سليم سنڌي، عبدالغفور ڪولاچي عابد انصاري شريڪ

جهڏو (رپورٽ:ممتاز جوڻيجو) روشني پبليڪيسن پاران ميڊيا سينٽر جهڏو تي لڳايل گشتي ڪتاب گهر ميلو ٻئي ڏينهن به جاري رهيو باذوق ماڻهن ڀرپور موٽ. ڪتابي ميلي ۾ گذريل ٻن ڏينهن دوران پنجونجاهه هزار رپين جا ڪتاب وڪرو ٿيا ڪتابي ميلي ۾ جهڏو تعلقي تعلقي سميت ٽنڊو ڪوٽ، ڊگهڙي، ٽنڊو جان محمد سميت ٻين علائقن جي سياسي سماجي تنظيمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

جهڏو : روشني پبليڪيسن پاران لڳايل گشتي ڪتاب گهر ميلي ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن پاران شرڪت ڪئي

گمبٽ ۾ ڌوهارين جو راڄ: ڏينهن ڏٺي ٿاڻي پٺيان واپڊا ڪالوني ۾ بينڪ ملازم جي گهران ڌاڙو

هٿيار بندن بينڪ ملازم بشير شيخ جي گهر ۾ 3 هٿيار بند گهري عورتن ۽ ٻارن کي يرغمال بڻايو

گهر جو دروازو کليل هو 3 نوجوان ڇوڪرا اندر گهري آيا ڪين چيو اندر ڇو آيا آهيو: گهر ڀاتي جون ڳالهيون

هٿيار بندن چيو ته ٻارن کي گوليون هڻندا سين نه ته سونا زيور لاهي ڏيو زيور ڏنا ۽ موبائيل سيٽ به کسي ورتا

گمبٽ (رپورٽ:عبدالحي شيخ) گمبٽ ۾ ڌوهارين جو راڄ ڏينهن ڏٺي ٿاڻي پٺيان واپڊا ڪالوني ۾ بينڪ ملازم بشير شيخ جي گهر ۾ 3 هٿيار بند گهري عورتن ۽ ٻارن کي يرغمال بڻائي سونا زيور ۽ موبائيل سيٽ ڦري فرار شهرين جون غير محفوظ هجڻ جو دانهون خبر موجب: گمبٽ ۾ ڌوهارين جو راڄ قائم ٿاڻي جي پٺيان واپڊا ڪالوني ۾ صبح جو بينڪ ملازم بشير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 10 اپريل 2023 ع

هاڻي تہ لڙائي ادارن جي اندر بہ ڦهلجي وئي آهي!

اهي بحران ئي آهن، جن هن ملڪ جي سموري سسٽم کي منجهي داخل ڪري ڇڏيو آهي. هن ملڪ جي وجود ۾ اچڻ سان ئي بحرانن کي جڻ تہ راهداري مليل هجي. بحران هتي قطارون ڪري ايندا رهيا آهن. نہ صرف ايندا آهن، پر بحرانن کي سازگار ماحول ميسر هجڻ جي ڪري اهي نہ صرف هتي مستقل مهمان بڻجي تا وڃن پر آنا ۽ ٻچا ڏيئي پنهنجي "آبادي" پڻ وڌائي رهيا آهن. چو تہ جڏهن بحرانن کي حل نہ ڪيو ويندي تہ اهڙي ئي صورتحال پيدا ٿيندي، جهڙي هن وقت پاڪستان کي درپيش آهي. بحران حل ڪرڻ لاءِ ذميدار شخصيون ۽ ادارا خود هن ڀيري "تخت طائوس" جي لڙائيءَ ۾ جهيڙيندڙن جي ڌر بڻجي ويا آهن ۽ اها لڙائي هاڻي انهن ادارن اندر بہ وڌهي پئي وڃي، جنهن اسان جي انهن ادارن کي سڄي دنيا ۾ کِلَ ـ هاڻو ڪري ڇڏيو آهي. صدر مملڪت عدالتي سڌارن وارو بل پارليامينٽ کي نظرثانيءَ واري "نصيحت" سان گڏ واپس ڪري چڪو آهي، ۽ چيو آهي تہ ان بل ۾ پارليامينٽ پنهنجا اختيار اورانگهيا آهن. ٻن معزز ججن جي آيل تفصيلي فيصلن کان پوءِ چڪتاڻ ان حد تائين وڌي وئي آهي، جو "مُک منصف" کان استعيفا ڏيڻ جا مطالبا وڌي ويا آهن.

تصوراتي هما پکي تہ آسمانن تي اڏامندو آهي. پر هتي جي مقتدر قوتن وٽ "پڃري ۾ پاليل" پنهنجو "هما پکي" پڻ آهي، جنهن جا ڦيرا اهي قوتون، جنهن جي سر تان ڏيارين، اهو "قصرِ سلطاني" جو مڪين ٿي ٿو وڃي. هن ڀيري بہ اهڙوئي تجربو ڪيو ويو هو. پر اهو تجربو مقتدر قوتن کي ڳچيءَ ۾ پئجي ويو. توڙي جو اهي پنهنجي "غلطي" Undo ڪري چڪا آهن. پر ان غلطيءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ بحران جند نہ ڇڏين. هڪ طرف ملڪ معاشي ڏيڻ ۾ ڦاسي چڪو آهي، ڊفالٽ وارو رسمي اعلان ئي باقي رهجي ويو آهي، ڪتابين واري تحريڪ مان دهشتگرديءَ جا خطرا وڌي ويا آهن، اهڙي صورتحال ۾ هي سياسي بحران ڪٿي وڃي ڏنگ ڪندو؟ ڳالهہ صرف هڪڙي بحران جي بہ نہ آهي. ڪئين محاذ کوليا ويا آهن. اها لڙائي ادارن جي اندر بہ ڦهلجي وئي آهي. نہ صرف ڦهلجي وئي آهي پر واضح صفبندي بہ سامهون اچي وئي آهي. هڪ پاسي وزيراعظم جي آفيس آهي تہ ٻئي پاسي صدر مملڪت جو دفتر آهي. هڪ پاسي "هما پکيءَ جا وارث" آهن تہ ٻئي پاسي مفتي ۽ منصف آهن. اهڙي واضح ورهاڱي هن ڪان اڳ عوام ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هئي. اهڙي صورتحال ۾ تدبر کان ڪم نہ ورتو ويو تہ. گهڻو نقصان ٿي سگهي ٿو. اجائي هوڏ ۽ ضد چو آهي؟ اقليت وارو فيصلو اڪثريت تي ڇو پيو مڙهيو وڃي؟ صورتحال جي سنگينيءَ جو ادراڪ ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ هنن خراب حالتن جي واهوندن ۽ واچوڙن ۾ معمولي چڻنگ بہ ڀيلا ٻاري ويندي. صورتحال کي سنڀالڻ ۽ سرچاءَ جي ڪا صورت پيدا ڪرڻ بدران مختلف ڌريون پنهنجن بيانن سان ٻرنديءَ تي تيل وارو ڪم ڪرڻ ۾ وسان نہ پيون گهٽائين. ان چڪتاڻ سبب نہ صرف پارليامينٽ جي بي توقيري ٿي رهي آهي پر ٻيا ادارا بہ نيڪنامي نہ پيا ڪمائين. چڪتاڻ جڏهن ايتري ڦهلجي وڃي، جو ملڪ جا اهم ادارا بہ ان جي لپيٽ ۾ اچي وڃن تہ ان کان وڌيڪ وڌي ڳڻتيءَ جي ٻي ڳالهہ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

اسان اڳ بہ هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون تہ ملڪ کي اقتدار جي جنگ جو ميدان بڻائي گهرو ويڙهہ ۽ تباهيءَ ڏانهن نہ ڌڪيو وڃي. پنهنجن اعليٰ منصبن ۽ ادارن جي وقار جو خيال رکيو وڃي. ٻي اهم ڳالهہ اها تہ هن وقت ملڪ جي معيشت وينٽيليٽر تي آهي. ڪنهن بہ وقت ڪو ننڍڙو جهٽڪو بہ ان معيشت جي ساهہ جو سڳو ٽوڙي سگهي ٿو. ان ڪانپوءِ کهڙيون حالتون ٿي سگهن ٿيون، انهن جو تصور ڪي ڪنبائيندڙ آهي. ان ڪري ملڪ جي موجوده صورتحال کي سنگينيءَ کي محسوس ڪندي ڪو حل ڪڍيو وڃي.

آئين جي گولڊن جوبلي ۽ نئون عمراني معاهدو

شاهد جتوئي

1973 ع جي آئين اڄ پنهنجي گولڊن جوبلي مڪمل ڪري ورتي آهي. پاڪستاني عوام لاءِ اڄ فخر جو ڏينهن آهي. 10 اپريل 1973 ع تي پاڪستان جي دستور ساز اسيمبلي جنهن دستور (آئين) جي منظوري ڏني هئي. اهو پنجاهہ سالن کانپوءِ بہ نہ صرف برقرار آهي، بلڪ وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي. 2023 ع کي آئين جي گولڊن جوبلي جي سال طور ملهايو پيو وڃي. ان موقعي تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهہ ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جو ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ اهو بيان سامهون آيو هو تہ پاڪستان کي هڪ نئين عمراني معاهدي (نيو سوشل ڪنٽريڪٽ) جي ضرورت آهي، جنهن جي ذريعي سمورا اختيار فوج کان سياسي ادارن کي منتقل ٿي سگهن. ان جو مطلب اهو آهي تہ عمران خان هڪ نئين آئين جو مطالبو ڪري رهيو آهي، ڇو تہ آئين ئي عوام ۽ رياست جي وچ ۾ عمراني معاهدو هوندو آهي. صرف عمران خان ئي نہ، پر ٻين حلقن طرفان بہ نئين عمراني معاهدي يعني نئين آئين جي ڳالهہ ڪئي پئي وڃي ۽ اهو تاثر ڏنو پيو وڃي تہ پاڪستان مسلسل آئيني، سياسي ۽ معاشي بحرانن جو شڪار رهيو آهي ۽ اڄ بہ بحران شدت اختيار ڪري چڪا آهن. ان جو سبب اهو آهي تہ 1973 ع جو آئين انهن بحرانن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت نٿو رکي. منهنجي خيال اهو تاثر تاريخي حقيقتن جي ابتڙ آهي. حقيقت اها آهي تہ 1973 ع وارو آئين ناڪام ناهي ٿيو پر ان جي مخالفت ڪندڙ پنهنجن اندروني تضادن جي ڪري پاڻ بحران جو شڪار آهن ۽ اهي پاڻ پنهنجي بحران کي قومي بحران جو نالو ڏئي 1973 ع جي آئين تي آخري حملو ڪرڻ ٿا چاهين ۽ عمران خان انهن جو مهرو آهي.

آئين ڪو اهو جامد دستاويز ناهي، جنهن ۾ ڪا تبديلي نہ ڪري سگهجي. وقت سان گڏوگڏ ان ۾ تبديلي ٿيندي رهڻ گهرجي، جيئن 18هين آئيني ترميم جي ذريعي 1973 ع جي آئين وڌيڪ بهتر بڻايو ويو پر ان جي بنيادي اسڪيم ۽ روح کي برقرار رکيو ويو. ان آئين ۾ پاڪستان کي هڪ وفاق تسليم ڪيو ويو آهي، جيڪو وفاقي ايڪائين (صوبن) تي مشتمل آهي. اهو آئين پاڪستان جي بقا لاءِ وفاقي، پارلياماني، جمهوري حڪومتي نظام کي لازمي قرار ڏئي ٿو. ان آئين ۾ وفاقي ايڪائين کي خودمختياري جي ضمانت ڏني وئي آهي. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو بہ نئين عمراني معاهدي جي ڳالهہ ڪئي هئي پر هن بہ 1973 ع واري آئين جي بنيادي اسڪيم ۽ روح کي برقرار رکڻ جو ذڪر ڪيو هو. محترمہ نئين عمراني معاهدي جي ذريعي صرف اهو چاهيندي هئي تہ آئين ۾ اهڙيون تبديليون ڪيون وڃن، جن سان فوج، عدليہ ۽ ٻين ادارن جون آئيني حدون واضح ٿي وڃن، تہ جيئن اهي اُهي حدون اورانگهي نہ سگهن ۽ سولين بالادستي کي قبول ڪري وٺن. پر ان جو ابتڙ عمران خان جي نيت ڪجهہ ٻي آهي. هو ملڪ ۾ صدارتي حڪومتي نظام جو حامي آهي. هو 18هين آئيني ترميم کي رول بيڪ ڪرڻ چاهي ٿو ۽ هو ملڪ ۾ انتظامي بنيادن تي ننڍا ننڍا نوان صوبا ناهي وفاقي ايڪائين جي تاريخي وحدت کي ختم ڪرڻ چاهي ٿو. اهڙي طرح هو 1973 ع جي آئين کي مڪمل طرح تبديل ڪري هڪ اهڙو آئين آڻڻ ٿو چاهي، جنهن ۾ پاڪستان هڪ وفاق نہ رهي ۽ هڪ وحداني رياست بڻجي وڃي. ان جا اهو تجويز ڪيل آئين 1973 ع جي آئين جي بنيادي اسڪيم ۽ روح جو ابتڙ آهي. جيڪڏهن ائين ٿي ويو تہ اهو پاڪستان جي سلامتي لاءِ انتهائي خطرناڪ هوندو، ڇو تہ وفاقي ايڪائيون اهڙي آئين کي تسليم ڪو نہ ڪنديون. جيستائين سمورا اختيار فوج کان سياسي ادارن کي منتقل ڪرڻ واري عمران خان جي ڳالهہ جو تعلق آهي، تہ ان سان بنيادي جمهوري ڌارا جون سموريون سياسي قوتون متفق آهن. عمران خان ڪڏهن بہ ان بنيادي جمهوري ڌارا ۾ شامل ناهي رهيو. بنيادي جمهوري ڌارا جي سياسي قوتن اقتدار تي فوجي قبضي ۽ سياست ۾ فوج جي مداخلت کي روڪڻ سان گڏوگڏ عدليہ طرفان آئين کان متانهن فيصلن جي تدارڪ لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن. انهن قوتن فوجي بغاوت (Military Coup)، پارليامينٽ ۽ انتظاميہ ۾ عدالتي مداخلت کي روڪڻ لاءِ جمهوري تحريڪن ۾ قيد ۽ بند جون تڪليفون برداشت ڪيون. ڦٽڪا کاڌا ۽ ڦاسي تي چڙهي ويا. انهن قوتن نہ صرف 1973 ع جو آئين اتفاق راءِ سان منظور ڪيو پر 18هين آئيني ترميم پڻ اتفاق راءِ سان منظور ڪئي، جنهن جي ذريعي نہ صرف آئين جي بنيادي روح کي مسخ ڪندڙ ترميمن جو خاتمو ڪيو ويو پر غير سياسي قوتن جي مداخلت جا رستا بہ بند ڪيا ويا. عمران خان فوج جي ذريعي اقتدار ۾ آيو ۽ اقتدار مان نڪرڻ ڪانپوءِ فوج ۽ عدليہ کي ڪليل نموني مداخلت جي دعوت ڏيندو رهيو. هن پنهنجي سياسي مخالفن کي ڪرپٽ، چور ۽ ڌاڙيل چئي سياست کي گار بڻائي ڇڏيو ۽ سياسي ۽ جمهوري قوتن کي ڪمزور ڪري غير سياسي قوتن کي مضبوط ڪيو. هن غير سياسي قوتن جي ڪرپشن جي پرده پوشي ڪئي. سياسي مخالفن کي ڪرپٽ، چور ۽ ڌاڙيل چوڻ جو عمران خان جو بيانيو سندس پنهنجو نہ هو ۽ ان جو هن اهو ڇٽي اعتراف ڪيو تہ ڪيس "ادارن" چيو هو تہ ان جا سياسي مخالف چور، ڌاڙيل ۽ ڪرپٽ آهن. عمران خان جو بيانيو دراصل اسٽيبلشمينٽ جو پراڻو بيانيو آهي، جيڪو 1947 ع کان هلندو اچي. 1947 ع کان ئي حقيقي سياستدانن کي ڪرپٽ چئي سياسي قوتن کي ڪمزور ڪرڻ جو سلسلو هلندو اچي. احتساب جي نالي تي ايبڊو، پروڊا ۽ پودا جهڙا ڪارا قانون بنايا ويا، جن جي ذريعي حقيقي سياستدانن کي نہ صرف نااهل ڪيو ويو پر رسوا پڻ ڪيو ويو. هي اهي سياستدان هئا، جن پاڪستان جي تحريڪ ۾ پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏيو هو ۽ جن جي ديانتداريءَ جو وقت بہ قسم ڪائيندو هو. اسٽيبلشمينٽ پاڪستان کي حقيقي جمهوري رياست بڻائيندڙن جو احتساب جي نالي تي صفايو ڪيو ۽ پنهنجي حامي جعلي سياستدانن کي ڪرپشن کلي موڪل ڏني. اهڙي ريت احتساب جي سرشتي کي سياسي انتقام جو سرشتو بڻايو ويو، جنهن جي ڪري ڪرپشن قوم جي سرير ۾ سرايت ڪري وئي آهي. عمران خان ان جي آخري ڪڙي آهي.

سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ عمران خان پنهنجي مخالف سياستدانن سان گڏجي ويهي ڳالهيون ڪو نہ ڪندو تہ پوءِ نئين عمراني معاهدي تي ڪنهن سان ڳالهيون ڪندو؟ ان کي گهرجي تہ هو جيڪڏهن واقعي بہ سياست ۾ فوج جي مداخلت روڪڻ چاهي ٿو تہ هو سياسي قوتن سان گڏجي هڪ نئون ميثاق جمهوريت (چارٽر آف ڊيموڪريسي) تي ڳالهائي. ان نئين ميثاق جو بنياد 14 مئي 2006 ع وارو لنڊن جو ميثاق جمهوريت هجي. ان ميثاق جي روشني ۾ آئين ۾ اهڙيون تبديليون ڪيون وڃن، جنهن سان فوجي بغاوت، سياست ۾ فوج جي مداخلت، عدالتي بغاوت، مقننہ ۽ انتظاميہ جي معاملن تي مداخلت لاءِ جوڊيشل ايڪٽيوزم جو رستو هميشہ لاءِ بند ڪيو وڃي. 1973 ع جي آئين جي بنيادي اسڪيم ۽ روح کي برقرار رکندي ان ۾ ترميمون ڪيون وڃن. اهو آئين پاڪستان جي سلامتي جو ضامن آهي. ان جي بنيادي روح ۽ منشا جي خلاف جيڪڏهن ڪو نئون آئين آندو ويو تہ وفاق پاڪستان جي سلامتي خطري ۾ پئجي ويندي. هن وقت پنجاب ۾ اقتدار تي قبضي جي جيڪا جنگ ٿي رهي آهي، اها بنيادي طور تي اسٽيبلشمينٽ جي ان ايجنڊا تي ٿي رهي آهي تہ نئون آئين آندو وڃي. 1973 ع جي آئين جي گولڊن جوبلي تي وڌيڪ خبردار رهڻ جي ضرورت آهي.

صوفيءَ سيرَ سيِن ۾، جئن رڳن ۾ ساهہ:
سا نہ ڪري ڳالهڙِي، جئن پويون پروڙي پساهہ:
آهِس اِيُ گناهہ، جي ڪا ڪَري پڌِري

"پنهنجي"، "پنهنجي" ۽ "پنهنجن" کي سالگرهہ مبارڪ!

صاحب خان پنڊ

هوءَ جيڪا "پنهنجي" آهي، ان ڇئن سالن جي پتڪڙيءَ بہ وڏو هڙڏڪ مچايو آهي، ٻين گهڻين کي سڪرات ڏئي ڇڏي اٿس. جڏهن هاڪر چوندو آهي تہ، "آئي آئي، پنهنجي آئي" تہ سڀ پرايون پري ٿي ويندڙيون آهن. "پنهنجيءَ" جي تہ دهشت بہ تہ پنهنجي آهي! جڏهن اها وهيءَ چڙهندي تہ الائي ڪهڙا "قهر" ڪندي! "پنهنجيءَ" پنهنجي ٻهرين سالگرهہ اڪيلي ملائي هئي، پر پوءِ ان ئي ڏينهن "پنهنجو" بہ جنم وٺي چڪو هو، ٻهرين هئي هڪڙي، پوءِ ٿيا "ڏون"، ۽ پوءِ اهو جهڳو اهو تون. هاڻي تہ ٽن سالن کان ٻنهي جي گڏيل سالگرهہ ٿيندي آهي. اڄ بہ ٻنهي (پنهنجي اخبار، ٽائيم نيوز چئنل) جي سالگرهہ آهي، ان موقعي تي "پنهنجي"، "پنهنجي" ۽ "پنهنجن" کي سالگرهہ مبارڪ!

چوندا آهن تہ پرائي مال تي، ٽوپي نراڙ تي ! پر اهڙي ٽوپيءَ جي ڪسڪي ڪِري پوڻ جا چانس بہ گهٽا هوندا آهن. ان ڪري جيڪا شيءِ پنهنجي هجي ٿي تہ ان جو مزو بہ پنهنجو هوندو آهي. جيئن: پنهنجو شهر، پنهنجو گهر، پنهنجي گاڏي، سواءِ پنهنجي زال جي سڀ شيون پنهنجون پليون لڳنديون آهن..! انسان کي نفسياتي طور تي پرايون شيون سليون لڳنديون آهن ۽ دل ئي دل ۾ ڪيس خيال ايندو آهي تہ ڪاش! اها شيءِ جيڪر هن جي پنهنجي هجي ها ! اهڙي طرح اخبار بہ جيڪر پنهنجي ملي وڃي تہ پوءِ ڇا گهرجي. پنهنجي اخبار جو بہ پنهنجو مزو هوندو آهي. پنهنجي اخبار ۾ پنهنجا سور سمايل هوندا آهن پر پرايا درد بہ هوندا آهن. جيئن پرڏيهي خبرون.

چار سال اڳ جڏهن "پنهنجي اخبار" مارڪيٽ ۾ لانچ ڪئي وئي تہ هڪ اخبار جو هاڪر سائيڪل هلائيندي ۽ هڪ هٽ ۾ اخبار ڪٽي هوڪا ڏيندو پيو وتي، "اچي وئي . اچي وئي، "پنهنجي اخبار" اچي وئي.." ان وقت اسين هوٽل جي لان تي چانہ جي ڪوپ تي ملڪ اندر مهانگائيءَ تي بحث ڪري رهيا هئاسون تہ منهنجي دوست مٺر مونکي هٽ سان اشارو ڪندي چيو تہ مهانگائي وري ڏوڙ آ.. هوڏي ڏس هي هاڪر بہ پنهنجي اخبار مارڪيٽ ۾ ڪڍي آيو اٿئي..! ان تي هاڪر کي سڏ ڪري مٺر چيو تہ اها تنهنجي اخبار آ .؟ هن وراڻيو: "نہ ادا، "پنهنجي اخبار" آ . معنيٰ اسان ٻنهي جي" . ان تي مٺر وڏو خوش ٿيو. مٺر جيئن اخبار هٿ ۾ ڪٽي نالو پڙهيو تہ وات مان نڪري ويس، " يار واهہ ! واهہ..! هيءَ تہ واقعي پنهنجي اخبار ٿي لڳي" !

"پنهنجي اخبار" ۾ ڪيترائي سلسلا آهن، جيئن ان ۾ هڪ سلسلو سوشل ميڊيا جو هوندو آهي، جنهن ۾ سنڌ اندر سوشل ميڊيا، خاص طور تي فيس بوڪ ۽ ٽوئيٽر تي ٽيرنڊ بحث کي شايع ڪيو ويندو آهي ۽ صبح جو جيئن مٺر اخبار وٺندو آهي تہ پنهنجو فوٽو ڳولهيندو آهي. پوءِ جڏهن پنهنجو فوٽو نظر نہ ايندو اٿس تہ اخبار جي آفيس فون ڪري رڙيون ڪندي ڳالهائيندو آهي تہ: "ادا اڄ تہ "پنهنجي اخبار" ۾ پنهنجو تہ فوٽوئي ڪونهي " هو ڏانهن فون تي مختصر جواب ملندو اٿس: "ادا سپائي .. سپائي" .. فون بند..!

هڪ دفعي مٺر "پنهنجي اخبار" ۾ وڏو ڪالم لکيو جنهن ۾ پنهنجا ۽ پنهنجي ڳوٺ وارن جا سور لکيائين. جنهن ۾ هن پنهنجي حد جي چونڊيل نمائندي تي چوهہ چنڊيا ۽ وري ان خوف ۾ هجي تہ متان وڏيرو ڏمرجي نہ پوي پر خوش تڏهن ٿيو جڏهن ڪيس وڏيري پنهنجي اوطاق تي افطار پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، اتي موجود ماڻهن جي وچ ۾ مٺر افطاري ائين ڪري رهيو هو جڻ تہ هُو پنهنجو ڪاٽي رهيو هو..! آخر ۾ وڏيري کان موڪلائڻ مهل وڏيري چيس: اسان جي پارٽيءَ تي بہ ڪالم لک تہ هن وراڻيو تہ هن پنهنجي افطار پارٽي تي بہ پنهنجو ڪالم ضرور لکندس.

مٺر وري "پنهنجي اخبار" کي "منهنجي اخبار" سمجهي ڪري پڙهندو آهي، ڇو تہ اخبار ۾ لکندي لکندي هُو مشهور ليکڪ ٿي ويو آهي. مٺر جنهن هوٽل تي ويهي چانہ پيئندو آهي، ان کي پنهنجو هوٽل، پنهنجي حد جي اسپتال ۾ مقرر ڊاڪٽر کي پنهنجو ڊاڪٽر ۽ مقرر ٿيل ايس ايڇ او کي پنهنجو ايس ايڇ او ڪري سڏيندو آهي. اهڙي پنهنجائپ ڏيکارڻ تي ڪيس ڊاڪٽر ۽ پوليس وارا روز تصديق ٿيل تازيون خبرون ڏيندا آهن. اسانجي سماج اندراج بہ اسپتال ۽ ٿاڻو خبرن جي ذريعن جو وڏي ۾ وڏو مرڪز بڻيل آهن.

اهڙي قربت ڏسي ڪري مٺر کي ماڻهو پنهنجو ليکڪ ۽ پنهنجو ڪالم نويس سمجهندا آهن. ڇو تہ "پنهنجي اخبار" ۾ هن جي شايع ٿيل ڪالمن ۾ هن جي درد کي هر ڪو پنهنجو درد ۽ سور محسوس ڪندو آهي، جنهن جو علاج تہ پنهنجي ڊاڪٽر وٽ آهي، تہ ٿي پنهنجي ايس ايڇ او وٽ..! جنهن لاءِ هڪ پنهنجي سياستدان جي ضرورت آهي، جيڪو پنهنجا سور پنهنجي اسيمبلي ۾ آڻي، ان تي نہ صرف پنهنجي ماڻهن جي حق ۾ قانون سازي ڪرائي پر ان تي عمل بہ ڪرائي.

بقايا 01

ڪرڻ لاءِ في خاندان 2000 رپيا ڏئي رهي آهي، هن وقت تائين 29 لک 36 هزار 355 خاندان 2 هزار رپيا سبسڊي وٺي چڪا آهن، جيڪا رقم 5 ارب، 87 ڪروڙ 27 لک ۽ 10 هزار رپيا رقم ادا ڪئي وئي آهي. هن چيو تہ اهڙا مستحق خاندان جن جي ماهوار آمدني 50 هزار رپين کان گهٽ آهي ۽ جيڪي اڃا تائين رجسٽرڊ نہ ٿيا آهن اهي 8171 تي پنهنجو شناختي ڪارڊ موڪلي رجسٽريشن ۽ سهولت حاصل ڪري سگهن ٿا. سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪراچي جي عوام کي خوشخبري ڏيندي چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي هدايت تي رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ اليڪٽرونڪ بسن جا 3 نوان روٽ شروع ڪيا پيا وڃن جن ۾ پهريون روٽ 13 اپريل کان ملير- الآصف مارڪيٽ کان ٽشنڪ چوڪ، ٻيو روٽ 14 اپريل کان بحريا ٽائون کان ٽشنڪ چوڪ ۽ ٽشنڪ چوڪ کان نمائش چورنگي تائين جڏهن تہ ٽيون روٽ 18 اپريل کان نارٿ ڪراچي کان براهِ راست نيو ڪراچي ، الآصف اسڪوائر، عائشہ منزل، گرو مندر، ايمپريس مارڪيٽ، آءِ آءِ چندريگر روڊ کان ڊاڪيا رڊ تائين تقريباً 30 ڪلوميٽرن جي فاصلو ٿيندو شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ وڏي وزير جي خاص هدايتن تي سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ پيپلز بس سروس جي ڀاڙن ۾ بہ ٻيرا واڌ روڪي وئي آهي . واڌ ان ڪري روڪي وئي آهي جو سنڌ حڪومت مهانگائي جي هن دور ۾ شهرين کي جيترو بہ ٿي سگهي آساني فراهم ڪرڻ چاهي ٿي. هن چيو تہ پيپلز بس سروس 30 کان 40 ڪلوميٽرن جو سفر صرف 50 رپين ۾ ممڪن بڻائي رهي آهي، جيڪو موٽرسائيڪل جي خرچ کان بہ گهٽ آهي. هن چيو تہ هڪ نااهل شخص کي آئيني طريقي سان بي اعتمادي رٿ جي تحريڪ ذريعي هٽايو ويو آهي. جڏهن تہ ان کان پهريان وزيراعظمن کي غير قانوني طريقي سان اقتدار کان بيدخل ڪيو ويو هو . هن چيو تہ آئيني طريقي سان بي اعتمادي جي تحريڪ ذريعي هٽايل شخص اڄ ڏينهن تائين پاڪستان کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. هن شخص جي نااهلي ۽ بدانتظامي سبب عوام ۽ ادارن کي ڪيترائي مسئلا درپيش آهن. هن چيو تہ عمران خان چور دروازي ذريعي اقتدار ۾ آيو ۽ هن شخص تي اسرائيل ۽ پارٽ ٻاران فنڊنگ وٺڻ جو بہ الزام آهي هن جو چوڻ هو تہ ميچ فڪس ٿيڻ تائين عمران خان ميچ نہ کيڏندو. هن چيو تہ پشاور هاءِ ڪورٽ کي پي ڪي، بي آر ٽي جي جاچ جي هدايت ڪئي پر ڪيس کي اڳتي هلي اسٽي ملي وئي. هن چيو تہ قاسم سوري جي سيٽ تي ٻيهر اليڪشن جو فيصلو ٿيو پر ڪيس ان کان بہ اسٽي مليو. هن چيو تہ لاڏلي جي ڪرپشن پسند ۽ ناپسند جي بنياد تي لڪايل آهي. هن چيو تہ عمران خان جي پارٽي فارن فنڊنگ ڪيس ۾ بہ ڊيلنگ ٽيڪٽڪس جو سهارو ورتو. هن چيو تہ سوال اهو آهي تہ ڇا ان ڳالهہ تي غور ڪيو وڃي تہ عمران خان خلاف ڪا بہ جاچ ٿي سگهي ٿي؟ هن چيو تہ سمورن صحافين ۽ وڪيلن کي وڏو بحث ڪرڻ گهرجي ۽ ڏسوتا تہ عمران خان کي رعايتون ڏنيون ويون ۽ صادق ۽ امين جا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. هن چيو تہ هاڻي حقيقت ۽ دليل جي بنياد تي فيصلو ٿيڻ گهرجي. شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي هميشہ چونڊن لاءِ تيار آهي، هن چيو تہ غير آئيني ۽ غير قانوني فيصلا ڪيا پيا وڃن هن چيو تہ پيپلز پارٽي ٽڪراءِ واري سياست کان پاسو ڪري ٿي. هن سوال ڪيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ريفرنس جي ٻڌڻي ڇو نہ ٿي ٿئي.

شهيد بي بي جو ڪيس ڇو نہ ٿو هلايو وڃي. هن چيو تہ پيپلز پارٽي ملڪ، جمهوريت، ادارن ۽ پارليامينٽ کي مستحڪم ڪرڻ چاهي ٿي. هن چيو تہ صدر پارليامينٽ مان ووٽ وٺي پارليامينٽ جي اختيارن تي سوال اٿاري رهيو آهي. ڇا اهو درست طرز عمل آهي. هن چيو تہ عمران خان جي ٽائيگر فورس جي ڪارڪن جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي تہ پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڪري. هن چيو تہ اڄ بہ عمران خان کي رستو ڏنو پيو وڃي. هن چيو تہ اسان پنهنجي ادارن کي اسڪينڊلائيز نٿا ڏسڻ چاهيون . هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ غير قانوني فيصلا مڃڻ غلط آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي خريداري تي سپورٽ پرائز 2200 رپين مان وڌائي 4000 رپيا رکي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ سنڌ حڪومت حادثن جو جو سختي سان نوٽيس وٺندي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ ڊاڪٽر جي شهادت تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي ۽ سنڌ جو وڏو وزير فوري ضور نوٽيس ورتو آهي ۽ جيڪو بہ ان بيدري سان ڪيل قتل ۾ ملوث هوندو ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ قاتلن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا 02

بنديال ڏنو هو. ان وقت سموري پي ڊي ايم سنڌس احترام ۾ اٿي بيهندي هئي ۽ سنڌس نالي کي جميو ويندو هو. هاڻي جڏهن هُن آئين پٽاندڙ پنجاب ۾ چونڊن جو اعلان ڪيو آهي تہ سڀ سنڌس مخالفت تي لهي آيا آهن چوڌري پرويز الاهي چيو تہ شهباز شريف، چيف جسٽس تي تنقيد ڪرڻ لاءِ ذاتي ملازمن کي جوٽ ڇڏي ڏنو آهي، جيڪو مٿن ٽورو ڪندو آهي هو ان کي بدنام ڪندا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن هن پڇاڻو ڪيو تہ پنجاب جي چونڊن جي تاريخ ڏيڻ سان ن ليگ جي پيٽ ۾ سور ڇو پئجي رهيو آهي. نااهل حڪمرانن جي غلطين جي سزا قوم ڀوڳي رهي آهي.

بقايا 03

